

# ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

## سرويچ سجاولي

موڪليندڙ: سراج احمد هٽيار، سجاول

وائيس آف سنڌ اي بڪ پبلشر
www.voiceofsindh.net


ڪتاب جو نالو ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون
موضوع شاعري
شاعر سرويچ سڄاولي
سهيڙ ۽ ترتيب يوسف سنڌي ، سورج سڄاولي
ايڊيشن پهريون آڪٽوبر 2008ع
ڪمپوزنگ سراج احمد هٽيار سڄاول
(پرفيڪٽ ڪمپيوٽر انسٽيٽيوٽ سڄاول)
ڇپائيندڙ سرويچ سڄاولي اڪيڊمي ،سنڌ


واهه واهه هي منهنجو وطن، چارئي ڪنڊون جنهن جون چسن
سو سو منجهس پوکون پچن، واهڻ وستيون جنهن جون وسن
ماڻهو جتي جا محبتي، سورهه سگهارا صحبتي
سڀ مرد مايون محبتي، قول تي جا قيمتي
ويٺي رڳو واڪا ڪنجن، ٻيلا ٻنيون مهراڻ جون
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

# عوامي قومي ۽ انقلابي شاعر

هي فقير سچ پچ تہ ذات ڏٽي ڪونهي، پر روزگار سانگي لکت پڙهت جي ادارن ۾ رهندي فن ۽ ڳُن جي اڪابرن جون صحبتون ماڻيندي، لکڻ جو ڏانءُ ڪيس اچي ويو آهي سو، شعر ۽ نثر جون مختلف صنفون، ڪالم ۽ ايڊيٽوريل لکڻ جو تجربو ٿي ويو اٿس، پر جيڪا شيءِ لکڻ ڪيس مور نہ آئي، سا آهي ڪنهن ڪتاب تي ٻہ اکر لکڻ، مهاڳ يا ٻہ اکر يا تعارف لکيا تہ بيشڪ اٿس، پر ڳيٽون ڏيئي لنوائيندي، گسائيندي، زور بار سان، جڏهن لکڻو پيو اٿس تہ ڪنهن يار ڪي ڇهہ اٺ مهينا تہ ڪنهن ڪي سال، ٻہ سال ليڪا ڏيڻ ڪانپوءِ، وري مهاڳ لکڻ جو ڏانءُ ٻہ ڪو فقير وٽ اهڙو اڻنگو آهي جو اڪثر يارن، ڪٽ شٽ ڪري، رڳو اهي ٽڪرا شايع ڪيا، جيڪي سندن شان وٽان هئا.

هاڻي جڏهن سرويچ سجاوليءِ جي ڪتاب "ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون" جو مواد سندس فرزند ارجمند سورج سجاولي پاڻمرادو ڏياري موڪليو آهي، تڏهن فقير ويچار ۾ ونجي ويو آهي، تہ معاملو ڪيئن بنائجي، اول تہ سرويچ سان ويجها واسطا، ٻيو تہ هو پاڻ هن جهان ۾ نہ رهيو آهي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ هو ايڏو قداور شاعر آهي، جو سندس مڪمل اپياس بنا ڪجهہ لکڻ سخت بي انصافي ليکبي وري ڪتاب جي مهورت ۾ ڪي ڏينهن وڃي رهيا آهن. انهيءِ ويچار ۾ جڏهن فقير ڪتاب جي مواد جا صفحا ٽڪڙا ٽڪڙا ورائڻ شروع ڪيا تہ مسئلو هڪ منٽ اندر حل ٿي ويو، ۽ اهو مسئلو خود سرويچ ئي حل ڪيو.

هن تہ پنهنجي شاعريءَ ۽ شخصيت جو خود ئي اهڙو ڀرپور تعارف لکي ڇڏيو آهي، جنهن جهڙو ٻيو لکي نٿو سگهي. سرويچ جي انهي پاڻ سڃاڻپ وارين منظوم سٽن کان وڌيڪ ڪا هڪ سٽ ٻہ لکڻ لاءِ فقير پاڻ ڪي عاجز ٿو سمجهي، سرويچ پنهنجي بنياد تي سچ پچ تہ اهو ئي آهي، جيڪو هن پنهنجي لاءِ ڄاتو آهي، ڪو ٻہ شخص ڄاڻي ٻجهي پنهنجو ڪنڌ اڏي تي نٿو رکي سگهي، جيستائين سندس اندر ۾ ڪنهن آدرش جي اڇل نہ هجي، سرويچ جي شخصيت ۽

ڪردار جيترو سندس شاعري مان بکن ٿا، اوترو ڪن ورلي شاعرن جي شاعري ۾ نظر ايندو .

محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي ۽ سرويچ سجاولي پنهنجي ٻوليءَ ۽ انداز ۾ بنهه نرالا آهن، اهڙي ٺمورتي جهڙو مثال سنڌي شاعرن ۾ ڪٿي به ڪونهي لاڙ پٽ کي جيئن مولانا حاجي احمد ملاح جي ڪيل قرآن شريف جي مڪمل ۽ منظوم ترجمي جو شرف حاصل آهي، تيئن لاڙ کي انهن ٽن شاعرن جي منفرد مزاحمتي شاعريءَ جو فخر حاصل آهي، تمام ضروري آهي ڇئني شاعرن جي لساني مطالعي سان گڏ، مزاحمتي شاعرن جي ٺمورتي جو سندن وقت جي سياسي ۽ سماجي پس منظر سان ڀرپور اڀياس ڪيو وڃي.

مزاحمتي شاعري ۾ ته ”سرويچ“ پنهنجي نالي کي موڪيو آهي، پر سندس جمالياتي شاعري به اعليٰ پايي جي آهي، پنهجي ديس ۽ ديس جي ماڻهن جي فطري سونهن جا جيڪي چٽ هن چٽيا آهن، سي ڪيس هڪ مصور شاعر جو درجو ڏين ٿا. سندس محبوب ته عجب جي حد تائين ايڏو سهڻو آهي جنهن تي هر ڪنهن پيار ڀري دل ۾ ضرور رشڪ پيدا ٿيندا. سرويچ جي ڪلام جي جيڪا واقعاتي اهميت آهي سا سندس الڳ خصوصيت آهي. شاعراڻي ترنم، لهجي جي سختيءِ ۽ اظهار جي بيحد بيباڪي ۽ بيخوفيءَ سندس شاعريءِ کي عوامي ورثي جو درجو ڏيئي ڇڏيو آهي، هي عوامي، قومي، ۽ انقلابي، ٽنهي حيثيتن جو شاعر آهي. اهڙي با حيثيت شاعر جي تعارف لاءِ فقير کي اهو ئي سمجھ ۾ اچي ٿو، ته خود سندس ڪلام منجهان ئي سندس عوامي، قومي، ۽ انقلابي ڪردار جو عڪس جوڙجي .........

هو سراپا احتجاج ۽ سراپا انقلاب آهي،
هو سنڌ ڌرتي جي حسابن جو ڪتاب آهي.

هو ساري قوم لئي ڪڙهي ٿو سڀاجهن سانگين لاءِ سڙي ٿو انهن جي ويرين سان وڙهڻ ۾ ڏوهه ۽ ثواب نٿو ڏسي. هو هر تخليق ۾ حسن ۽ شباب سان گڏ انقلاب کي لازم ڄاڻي ٿو، ڪٿوري جي خوشبو هجي، ۽ موتئي سان گڏ گلاب اهڙو ماحول هجي جنهن ۾ محبوب ۽ معشوق موجن سان گهمندا وتن، هر منهن منجهان خوشحاليون ڦٽنديون رهن.

اي سرويچ تنهجا سڀ سخن سوين ۽ سڄاڳين جا سبق آهن، جيئن جيئن پيا پڙهبا تيئن تيئن سنڌ صحتياب ٿيندي رهندي.

هو بنيادي طرح سونهن جو شاعر آهي ۽ سندس سموري شاعريءَ جو محور پنهنجي آسپاس جي سونهن ڪي سلامت رکڻ ۽ نکارڻ جي عزم جو اظهار آهي، جنهن ڪي هن بيحد سچائيءَ ۽ بيباڪيءَ سان پنهنجو مقصد بنايو آهي.

چيا قومي ڪلام آهن، گڏو گڏ انقلابي پڻ،
عوامي شاعريءَ اندر، مان اوچو آفتاب آهيان.

## شمشير الحيدري

ڪراچي سنڌ

09/12/2007

# سرويچ سجاولي

سرويچ سجاولي، سنڌ جو اهو سورهيہ ساٿي ۽ سپوت هو، جنهن پنهنجي شاعري ۾ سنڌ وطن جي سورن جا داستان لکيا ۽ سورن کي ختم ڪرڻ جي لاءِ عملي ميدان ۾ پڻ موجود رهندو هو، جيلن جون تڪليفون سنائين، مقامي توڙي غير مقامي وڏيرن ۽ جاگيردارن سان اٽڪيو. سنڌ سرويچ لاءِ ڪاشي بہ هُئي تہ قبلو هو، سنڌ سندس نس نس ۾ رت جي ڦڙي ڦڙي ۾ ۽ روح جي گهرائين تائين سمايل هئي. هو سنڌ وطن جو اهو ارڏو ۽ البيلو آواز هو، جيڪو جڏهن عوامي جلسن ۾ پنهنجا ڏکيا نظم پڙهندو هو تہ هزارين ماڻهو ان جي منڊ ۾ منڊجي ويندا هئا.سندس هڪ نظم اهو ڪم ڪندو هو، جيڪو وڏن وڏن سياسي اڳواڻن جون ڏگهيون ڏگهيون تقريرون بہ ڪري نہ سگهنديون هيون. سرويچ سجاولي پنهنجي شاعري کي عوامي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪرڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو، هن جي شاعري عوام جي لاءِ هئي، عوامي رنگ ۾ هئي عوامي زبان هئي ۽ سرويچ سجاولي عوام ۾ ڏرتي مان ئي پنهنجي شعر لاءِ اُتساهہ وٺندو هو.

سرويچ سجاولي جي شاعري، سنڌ جي شعور جي علامت، قومي حقن لاءِ اُٿندڙ آواز ۽ طبقاتي ڦُرلٽ جي خلاف احتجاج جو سگهارو آواز آهي. سندس شاعري ۾ نہ رڳو پنهنجي وطن، پر ان جي پورهيتن، ڪمين ڪاسبين، هارين، نارين، عورتن، ٻارن، ٻڍن، جي اهنجن، ايذائن ۽ سورن جي ڳالهہ ڪيل آهي، پر انهن جو درمان بہ ڏسيل آهي. ۽ بي باڪي ۽ دليريءَ سان پنهنجي حقن کي ڇني وٺڻ جي واٽ بہ ڏسيل آهي. سرويچ جي شاعري فڪري حوالي سان قومپرست ترقي پسند ۽ جمهوريت پسند فڪر جي ترجماني آهي.

**يوسف سنڌي**

**دڙو 5 آڪٽوبر 2008ع**

سرويچ سجاولي سنڌ جو اهو واحد عوامي، انقلابي، قومي ۽ جمهوريت پسند شاعر آهي، جنهن نہ صرف شاعري ذريعي ڏاڍ جبر ۽ آمريت کي للڪاريو پر عملي طور تي بہ تحريڪن ۾ شامل ٿي جيل بند جا ڏينهن ڏٺا. سندس شاعري جتي وڏن وڏن آمرن جابرن کي رُڪ جا چڻا چٻايا اُتي اسان جهڙا ڪوڙ سارا سياسي ورڪر پيدا ڪيا، سندس سموري شاعري جيءَ ۾ جايون ڏيڻ ۽ ساھ ۾ ساندڻ جهڙي آهي ، پر هن سنڌ راڻي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو، تي جيڪو ( جس هجئي او مارئي ٻاگهي) ۽ سنڌ جي عڪاسي سان ڀرپور نظم ( ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون) لکيو تنهن جو تہ ڪو ڇيھ ئي ڪونهي، سندس شاعري کي سنڌ جو دستاويز چئجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ ڪونهي ، مونکي بيحد خوشي آهي تہ منهنجو ساڻس ڪو ليکڪ ۽ پڙهندڙ يا فن وارو نہ پر بنهہ فيملي وارو تعلق رهيو. هو مونکي پنهنجي ڌيءَ سڏيندو هو، اجا ساڻس ڪچهري جون سڪون ئي ڪونہ لٿيون هيون تہ هو اسان کان وڇڙي ويو

دعا آهي تہ رب پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعلي مقام عطا ڪري.

آمين

**سسئي پليجو**

# غزل

# انقلاب آيو ڪپي

چا ڪنڌ قاتل پيو ڪپي، چا لال لٽ ۾ پيو لپي،
بس انقلاب آيو ڪپي، هو انقلاب آيو ڪپي.

جيئن جيئن جبر جورو ٿئي ۽ قهر نت ڪورو ٿئي،
تيئن تيئن ٿي ڌرتي تپي، بس انقلاب آيو ڪپي.

چا رت راڻن جو تتل، جهوري جبل آيا ڳپل،
مڙسن چڙهي منزل ماپي، بس انقلاب آيو ڪپي.

هي جيئرا جذبات پس ڪاتن ڪهاڙن تي نہ ڪس،
يارن ڪنيا نوڪي نپي، بس انقلاب آيو ڪپي.

سوڍن جي سر سونهن جو قسم، بدڪار جا بارود بم،
جوڌن پٽن ورتا جهپي، بس انقلاب آيو ڪپي

هر هڪ ٻچو سنڌ سان سچو، سينو ڪڍيو چئي پيو اچو،
ٽينڪن اڳيان بينو ٽپي، بس انقلاب آيو ڪپي.

سوريءِ چڙهڻ سپ پيا سکن، سرويچ سوين لئي لکن.
۽ چاپٽي چا پئي چپي، بس انقلاب آيو ڪپي

# معجزا

”سرويچ “ پنهنجي شاعريءَ ۾ معجزا پيدا ڪي ڪر،
جيئن همٿون هيٺا وٺن، سي حوصلا پيدا ڪي ڪر.

قلمن ۾ اهڙيون قوتون ۽ قدرتون ڪڏڪار ڪن،
جو سڀ سٽون سرڪش هجن، سي سلسلا پيدا ڪي ڪر.

وڪ وڪ متي لک لک لين، ويڙهيون ڪنڌڙ ويڙهاڪ پٽ،
سانگا نه جن ڪي ساهه جا، سي سر ڦريا پيدا ڪي ڪر.

زور آورن جي زور ڪان، لڳ لڳ لٽيرن جا لُبن،
عرشن زمينن ۾ ته اهڙا، زلزلا پيدا ڪي ڪر.

واين ۾ وائي وڍ وڍان، بيتن ۾ بوءِ بارود جي،
نظمن جي هر هڪ نقطي ۾، وڳ ولولا پيدا ڪي ڪر.

پيلي نه جيئن هن پونءَ ڪي، ڪو پاڙڪيندڙ بد نظر،
پاڻن پٽن پاڳين منجهان، تون پر جهلا پيدا ڪي ڪر.

سڀ مشڪلون ميسارجن ۽ منزلون مُرڪي ملن،
ماري مڙئي موجاڻن، سي مرحلا پيدا ڪي ڪر.

جهونگهار جن جي جستجو ۽ سوڀ جن جي ساهيڙي،
ثابت ٻڌن جي سندرا، سي مرحلا پيدا ڪي ڪر.

ٻر پٽ ٻُڪون توڙي اجون، ونگو نہ جن جو وار ڪن،
نيزن مٿي جيڪي نچن سي، نينگرا پيدا ڪي ڪر.

ها اٿڪون جن جون اجهل، ڳِهيڙان ڳِهڙڻ جي ڳُت نہ جن،
هر هنڌ تان ٿئي هٿ پري، سي هوڪرا پيدا ڪي ڪر.

هي مولون هي مينڌرا، پنهنجي مرڻ جيئڻ لئہ،
سڀ وڏ ڦڙا واچوڙا ويرون، وهڪرا پيدا ڪي ڪر

جي جيجلن جوين ۾ توڙي، جُو مٿان جهيڙاند ڪن،
سي جنگ جوڏا جنگ لئہ، جا ٻجا پيدا ڪي ڪر.

تون پنهنجي ڏاهي ڏات سان، ڏوٿين مٿان سڀ ٿار ڏک،
سانگين مٿان سُک سهنج جا، سچ سوجرا پيدا ڪي ڪر.

تون سنڌ ساري سان گڏ، سڏجين سجاول جو ٻہ سڏ،
هر حال ۾ جي هڪ هجن، سي همنوا پيدا ڪي ڪر.

# سراپا احتجاج

سراپا احتجاج آهيان، سراسر انقلاب آهيان،
مان پنهنجي سنڌ ڌرتي جي، حسابن جو ڪتاب آهيان.

ڪڙهان ٿو قوم ساريءَ لئہ، سڙان سانگين سڀاجهن لئہ،
وڙهڻ ۾ تنهنجي ويرين سان،نہ ڏسندو ڏوهہ ثواب آهيان

وجهن جي ونگ وانگين کي ،هٽن سنگهرون سنگهارن کي
انهن لچن لٽيرن لئہ، وڏو جنگي جواب آهيان.

پيو هر سنڌ واسيءَ جي، اکوڙيان ننڊ اکڙين جي،
جو جاڳائي جُڳن تائين، اهو چنگ و رباب آهيان.

ونڻ لئہ حق هر هنڌان، پيڙ پُون تي پيو پڙڪايان
عداوت سنڌ سان جن جي، انهن جي لئہ عذاب آهيان

جڏهن جنگ جي پڙ اندر، لڳن ٿا گهاءُ گهوٽن کي،
وهي جن جي بُت مان جو رت، اهو گهرو گلاب آهيان،

هي منهنجا ليک سپ آهن، لنيون لوڙيون ۽ للڪارون،
برن بدخواه ماڻهن لئہ، بکايل جڻ عقاب آهيان.

چيا قومي ڪلام آهن، گڏو گڏ انقلابي پڻ،
عوامي شاعري اندر مان، اوچو آفتاب آهيان.

گهٽا نقال نڪ نِرجا ، نسورو ڪن نقل مونتان،
انهن ڪم چور ڪوڙن کي تہ، ڪندو بي نقاب آهيان.

سهاڳڻ سنڌ جو سوڍو، سگهو ”سرويچ“ سوڀارو،
نہ پيري جو مٿم پاڇو، شباب ئي بس شباب آهيان.

# عورت

تنهنجي نہ سونهن سوڍي، پڙهيم پِنيءَ پنيءَ ۾
توڪان سوا هجي ها ، دوزخ گهٽيءَ گهٽيءَ ۾

ڪيڏي حسين آهين، ڪيڏي حبيب آهين
هر پل ٻڌا مون اهڙا، هوڪا هٽيءَ هٽيءَ ۾

ڏاتي مون ٿج تنهنجي، سنهڙن چپن سان چسڪي
تنهنجو ئي پيار پياري، پيتم وٽيءَ وٽيءَ ۾

ماءُ ڀيڻ ڌيءَ آهين، محبوب دوست آهين
ميڙي رکين ٿي سڀ لئہ، مرڪون مٽيءَ مٽيءَ ۾

ان دم نہ دم سندوءِ، ويندو سڃو هو دمجي
پوندو هُئس جڏهن مان، اُتڙي اَٽيءَ اَٽيءَ ۾

تنهنجي نہ صحبتن سان، ناچاق چاق ٿيو پئي
شامل شفائون تنهنجي ، مرهم پٽيءَ پٽيءَ ۾

صحبت تنهنجي ۾ سائڻ، آهي سرور ڪيڏو
شاخون ڪي شهد جون جڻ، لئي لئي لٽيءَ لٽيءَ ۾
مسلم هجين يا هندو، مشرق رهين يا مغرب
ڪوئي فرق نہ آهي، ڪافر ڪٽيءَ ڪٽيءَ ۾

هيڏي عظيم هوندي، پل پل ۾ پسجين پئين
ڦاٽي پلا تون آهين، ڪهڙي چٽيءَ چٽيءَ ۾

# سرويچ تنهنجي سونهن ۽ سيرت مٿي لکي ٿو
# ناهيس نگهه ڪنهن تنهنجي ، ڪاري ڪٿيءَ ڪٿيءَ ۾

# پلا ڙي عشق اڻ جهليا

پلا ڙي عشق اڻ جهليا، هي تنهجيون ڏيهه ۾ ڏرٽيون
اهي سڀ ڪجهه ڪرائين ٿو، نه آهن جي ڪڏهن ڪرٽيون

ڪڏهن سيجون چڙائين ٿو، ڪڏهن ابتو تنگائين ٿو
ڪڏهن ڏس قابلن ڪي پيو، هٽائين ڏوڙ ۾ ڌرٽيون

ازل کان عشق جون اهڃاڻيون، آهن اهي ئي ڏرٽيون
نڪو ٿو پيار پوڙهو ٿئي، نڪي ئي محبتون مرٽيون

شغل ۾ شادمانا شوق تنهنجي جا لڳم اهڙا
پري خانن جي پڙ اندر، پريون پِي جڻ ته ڪي پرٽيون

هينئون ۾ هوش هر پيري، ٿو تڙپي طور سينا لئہ
حسينائون ته هت آهن، ڪڏهن حورون ڪڏهن هرٽيون

دليون دم دم ٿيون دانهين سي، برهه جو ٻَک بنيون جيڪي
سڙيون سپرينءَ جي درشن ري، پلا آهن ڪڏهن نرٽيون

حسن جي هاڪ تي هرکيو وجن "سرويچ" سوڌا سوَ
سَريو سچ پچ وجن سي ئي، نه آهن جي ڪڏهن سرٽيون

پلا ڙي عشق اڻ جهليا ، هي تنهنجيون ڏيهه ۾ ڏرٽيون
اهي سڀ ڪجهه ڪرائين ٿو، نه آهن جي ڪڏهن ڪرٽيون

# جت نہ پهرا پيار تي

اچ تہ ڪنهن اهڙي طرف، اي ناز ور نڪري هلون
جت نہ پهرا پيار تي ، جت نہ جذبن تي جهلون

جت نہ چاهت تي چڪاسون، چوڪسيون ۽ چئون پڇو
جت نہ دل کي دل کان، ٽوڙڻ جون ڪري ڪو اٽڪلون

جت نہ روحاني رهاڻين تي، هجي ڪا روڪ رنڊ
جت هجن پنهنجون مٽل، موضوع بہ موضوع محفلون

جت نہ تنهنجي منهنجي وچ ۾، ڪو هجي وڇنل وڇيون
جو جدائي جون جڙيل دلين کي پاڙهي جدولون

جت نہ معصوم، منن جون، مرضيون ماريون وڃن
جت وتن بي خوف گهمندا، مينڌرا ۽ موملون

مهل بي مهليون ملاقاتيون، جتي هر منڊ ۾
جت نہ پنهنجي ميل ميلاپن، جون ونجن موڪلون

جت هجي ممڪن مڙوئي، ناڻ نہ ناممڪن سندو
پاڻ ٻئي ٻاريون ڪي ويهي، محبتن جون مشعلون

جت نہ سک وندن مٿي، "سرويچ" سوري جي سزا
اُت هلي معراج واريون، ماڻيون ڪي منزلون

# هستيون جدا جدا

تنهنجي حسن جون آهن، هستيون جدا جدا
موجون جدا جدا ۽ مستيون جدا جدا

آتيون هميشہ آهن، توکي ڏسڻ پسڻ لئہ
دلڙيون جدا جدا ۽ اکڙيون جدا جدا

موهيو وجهن ٿيون من کي، محبوب محب تنهنجون
ميڏون جدا جدا ، ۽ مرڪون جدا جدا

گفتن تان گهوٽ تنهنجي ، گهوري ڇڏيان ٿو آئون
ماکيون جدا جدا ۽ مصريون جدا جدا

مرڪيو پَون هو"سرويچ" مرڪڻ سان يار جي ڏس
مندون جدا جدا ۽ مکڙيون جدا جدا

# خزانا ڪيٿ مان نڪتا

پلن جي پيٽ لئہ نڪتس ، تہ آئين پيٽ مان نڪتا
خوشيءَ جا ڇڻ منهنجي جي لئہ، خزانا ڪيٿ مان نڪتا

چپر ڪٽندي نظر جڏهين مُبارڪ منهن مٿي پيم
تہ لشڪر سڄن چندبن، جا چمڪي چيٿ مان نڪتا

جڙاءُ ۽ جوڙ جڪ جڏهين، ڏٺم تنهنجي تہ ڏندن جي
تہ سمجهيم ڪي سچا موتي، سپن جي پيٽ مان نڪتا

اچي اچرج ۾ ويا ماڻهون، تہ آيو ڪير آهي هيءَ
اچڻ جنهن جي جا احوالا، اها اپٻيٿ مان نڪتا

صديون "سرويچ" گذرن تہ ٻہ، سخن تنهنجا سدا جيئرا
مٿي جي مهڪ مان مهڪي، ۽ رڳجي ريٿ مان نڪتا

# پڪارون

پڪارون مون توکي ڪيون، ڪيئن نہ هونديون
اتي توکي هڏڪيون ٿيون، ڪيئن نہ هونديون

هتي تولئہ آئون، لڇان ۽ پيو ڦٿڪان
اتي تنهنجون ننڊون، ڦٽيون ڪيئن نہ هونديون

هتي رت تولئہ روئان روز آئون
اتي تنهنجون اکڙيون، پنيون ڪيئن نہ هونديون

هتي ڪانگ تولئہ اڏاريان پيو آئون
اتي تو بہ فالون، وڌيون ڪيئن نہ هونديون

لکيم خط جيڪي، اوهان کي ادب مان
چميون تو تہ تن کي، ڏنيون ڪيئن نہ هونديون

ڳڻيو تنهنجيون ڳالهيون ، پيو سرويچ سڏڪي
دعائون تنهن تولئہ، گهريون ڪيئن نہ هونديون

# پردا ڪري ڪري

پوڙهو ٿي ويندي سهڻا، پردا ڪري ڪري
جوڀن ۾ جيار جاني، جلوا ڪري ڪري

توکي ڏسڻ پسڻ لئہ، توسان ملڻ ڪلڻ لئہ
مشتاق ڪئين مري ويا، سجدا ڪري ڪري

ايڏي نہ لڪ لڪان ڪر، درشن ڏئي تہ دلبر
ماڻهن جا وات ڦاٽن، وهہ وا ڪري ڪري

دل دل اندر رهين ٿو، ڳوليو نہ، تہ بہ لڀين ٿو
ڪُل جڳ چريو نہ ڪر تون، چرچا ڪري ڪري

تولئہ لکون پڙهون پيا، ”سرويچ“ ٿيو وڙهون پيا
توتي وجن نہ ٻيا ڪي، قبضا ڪري ڪري

# جذبن تي ٻوڙون پاتيون

تنهنجي تہ جلون کي ڏسي، جذبن تي ٻوڙون پاتيون
قدمن چمڻ لئہ ڪيترن، قلبن تي ٻوڙون پاتيون

تنهنجي تہ سوڍي ۽ سنئين، قد کي پسڻ لئہ پرين
ڪتبن ڪتابن مان اٿي، الفن تي ٻوڙون پاتيون

سوڍي سنواريل سينڌ مان، جهلڪون جهٽڻ جي لئہ لکن
سجن ۽ چوڏهين جي چٽن، چندن تي ٻوڙون پاتيون

تنهنجي تہ وارن جي ورن وڪڙن مان وِهُ پيئڻ جي لئہ
ڏرڙن منجهان ننڍن وڏن، نانگن تي ٻوڙون پاتيون

هيءَ پونءَ سڄي تولئہ ٻٽي، پاڳن سندو پندار تون
پر ۾ سندءِ ٻيهڻ جي لئہ، بختن تي ٻوڙون پاتيون

توکي تہ پرکڻ لئہ پرين، عرش اکيون کولي چڙيون
حورن پرين هرٽن کان اڳ، ملڪن تي ٻوڙون پاتيون

تنهنجي تہ نيٽن جي تکائي، جون تکون اهڙيون تکيون
جن کي جهپڻ جي لئہ تکين، تبرن تي ٻوڙون پاتيون

”سرويچ“ تنهنجي سونهن تي، لالڻ لکڻ وينو جڏهن
ڪلمان پڙهي ڪاغذ وريا، قلمن تي ٻوڙون پاتيون

# سنڌ امڙ تان سرڙا گهوري

سنڌ امڙ تان سرڙا گهوري، مانجهين ماڳ بچايا
مانجهين ماڳ بچايا، ڪوپن ڪنڌ ڪپايا

ننگر پونگر پُٽ اسانجا، اسين هتي جا ڄايا
اسان تہ سهٽي سنڌڙي خاطر، ڪيهر پُٽ ڪپايا

وڙهندي وڙهندي ويرين سان، اڄ جوڏن جوش پسايا
ڪات ڪهاڙين لوڙهين جا تن، وهواهہ مينهن وسايا

سانن پاڏن وانگر پڙ ۾، ڄامن پير ڄمايا
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رت وهائي، سوڍن سانگ سڄايا

جُنگن ۽ جرنيلن جي لئہ جابر جيل بنايا
سي سڀ هاٿين جهڙن ساٿين، ٿڏن ساڻ اڏايا

"سرويچن" ڏس سريون ڏئي، پنهنجا پال پلايا
سي ڪيئن هٿندا پڙ تان، جيڪي ٻاگهين ٻار ڄڻيا

# ڪينجھر منڇر گھمنداسين

سڪي سڪي جي ملنداسين، پوءِ مور نہ ماڳھين ڇڄنداسين
اکيون اکين ۾ اٽڪايو، هڪ ٻئي کي پيا ڏسنداسين

چيٽن وارن چؤماسن ۾، چونگاري کي گيت غزل
پيار ۾ بلڪل پورھيت ٻڄي، ڪٽڪون ڄاڻيا لٽنداسين

ماجر، ميرانپور ۽ مڪلي مياڻي جا ميدان پسي
ڪارونجھر ۽ ڪيٽي بندر، ڪينجھر منڇر گھمنداسين

مينهن واري موسم ۾ ٻئي، مستي ۾ ٿي مستو مست
گوني توڙي پيجاري جي پاٽي ۾ پيا ترنداسين

سنڌ سڄي جي ڳوٺن توڙي، پوٺن پڊن شھرن ۾
راتيون ڏينهن ۽ هفتا مهينا، سال سڄا پيا ٽڪنداسين

سنگت ۾ "سروچ" سڏائي، پيچ مٿي سان پڪا پائي
ڌرتي پنھنجي او! دلبر، ٻاڙي ٻاڙي چمنداسين

# چنڊ لڪندي مون ڏٺا

گهور سان گهر اڳيان، اڄ گهوٽ گهمندي مون ڏٺا
پير پرين جا پَرين حورن کي چمندي مون ڏٺا

صحن ۾ جنهن وقت ويهي، هُن سنواري سيڌ تان
سَوَ پيچي سورج ويا، لک چنڊ لڪندي مون ڏٺا

ويل وچين ويس پائي جان وڌئين وهسي وکون
شرم ۾ ان مهل ڪيئي مور مرندي مون ڏٺا

ڪوڏ مان جنهن مهل ڪامل ڪر ڪنئي منهنجي قريب
ڪيترين ڪونجن جا ان دم ڪنڌ ڪرندي مون ڏٺا

جنهن هنڌان لالڻ لنگهيو هو ڏيئي پارس پاڪ پير
زاهدن جا ان زمين تي نرڙ گسندي مون ڏٺا

رخ مٿان جنهن وقت رانجهن هو ڪيو پردو پري
ميڻ جيئن ماڻڪ مٽين، مرجان ڳرندي مون ڏٺا

منجهه ثنا ساجن سندي ”سرويچ“ هڪڙو ڇا مگر
شوق مان شاعر گهڻا ئي، شعر لکندي مون ڏٺا

# لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان جي ان نقاب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا
نقاب منجهہ حجاب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان جي شان مان تي، اوهان جي شوق شغل تي
اوهان جي ان شباب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان جي سونهن تي لڪيل، ڪروڙها ڪتاب ڏس
۽ آئون ڪنهن ڪتاب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

سمهو تہ چنڊ تا لڳو، اٿو تہ سج اڀاريو
پوءِ آئون تو جناب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

کلو تہ ڄڻ ڪڙيو پون، ٻہڻ جا گل ڪاڻ ۾
۽ منهن مهتاب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان سان پيار ڏوهہ آ، تہ ڏوهہ پيو ڪبو اهو
تنهن ڏوهہ ۽ ثواب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

جي ٻوليو تہ ٻاٻيها ٻرن ۽ بلبلون سڙن
پوءِ چنگ ۽ رباب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان جي قرب لئہ ڪڙهان، اوهان جي پيار لئہ پچان
اجان بہ ڪنهن عذاب تي، لڪان تہ چا لڪان پلا

اوهان جي اکڙين منجهان پيو، ۽ مست ٿيو گهمان
وڏيڪ ڪنهن شراب تي، لکان ته ڇا لکان پيلا

هلو ته هرڻيون ٿهن، ٽلو ته ڍيلڙيون ڍهن
تو سونهن جي صحاب تي، لکان ته ڇا لکان پيلا

جڏهن به وار کوليو، ته واسجيو وڃي جهان
پوءِ موتئي گلاب تي، لکان ته ڇا لکان پيلا

ملون به روز، روز پيا، تڏهن به چپ چاپ ٻئي
ان باهه لڳي حجاب تي، لکان ته ڇا لکان پيلا

نه ماکيون نه مصريون، مناڻ منجهه مٺ ٿيون
اوهان جي لب لعاب تي، لکان ته ڇا لکان پيلا

# اڪيلي هلي آ

نہ سرتي سهيل ، اڪيلي هلي آ
اچي ويهہ اکين ۾، اويلي هلي آ

ڇمان جسم پيرن، ڪان سر تائين تنهنجو
سگهي تي سويلي، سويلي هلي آ

ڇهان صوف سيني جا، چشمن اکين سان
چيو مڃ تون منهنجو، چنبيلي هلي آ

وجهي ٻڪ ٻکن ۾، پيون شربت چپن جو
نہ ڳڻ ڳوٺ ڳالهيون، ڳهيلي هلي آ

نہ ماڪيون نہ مڃايون، منيون توکان منٿڙي
مان مجنون آن تنهنجو، تون ليلي هلي آ

وجهي ويس ڪورا ۽ ڪُنئرا بدن تي
تون نازن سان نئين ۽ نويلي هلي آ

نہ مهلون نہ موقعا، ملڻ لاءِ ڳولج
قسم رب جو تئي، ڪُمهلي هلي آ

مکي مُشڪ مينڌا، عطر اوت ٻت تي
ڦلن منجهہ ڍڪجي، ڦليلي هلي آ

ڀڄائي ڏکن کي، ڪريون ڀوڳ چرچا
سچي سون جهڙي، سجيلي هلي آ

مان ”سرويچ“ تنهنجو، تون سرتاج منهنجي
مان ٻانهون تون مون، سان ٻيلي هلي آ

# حشر هر هر ڪري ٿي دل

جدا توڪان هتي جيڪا، ٻه گذري هئي گهڙي جاني
انهيءَ هر هڪ گهڙيءَ هنئي هئي، هينئن ۾ هٿڪڙي جاني

جگر ۾ جهير جهورئي جا، جهري جن ڪان پيس پيارا
جهريل جيءَ ساڻ ڪيئن جيئندس، ڪريو ڪا جئي جڙي جا جاني

حشر هر هر ڪري ٿي دل، چڙي هٿ حاڪمن جي وئي
لڳي ڪنهن جاءِ اهڙي تي، نه هُئي اٽڪي اڙي جاني

اُتيئي پيو جُهڪي آهيان، اتي سر سَرنگون ٿيو آ
جتي ڪوپن ڪنڌارن جا، پون ٿا ڪنڌ لڙي جاني

ڪٽيم هر ڏينهن ڏسڪندي، ڏکن ۾ ڏرجندي ڏرندي
رتو پاٽي سڄيون راتيون، وهايم روئي رڙي جاني

# ساجن هڪڙو تون ئي تون

اڀ ڀونءِ جي اسرارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون
پڙهيم پٽين پارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

هو هو جي هونگارن ۾، سج چنڊ ۽ تارن ۾
اذانن اذڪارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

پوڙهن جوانن ٻارن ۾، ۽ ساون ساون ٻارن ۾
۽ آن سان پريل ٻارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

ڪڙندڙ ٽڙندڙ تارن ۾، ۽ يڪتاري جي تارن ۾
تن جي تندن تارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

ڳيرن جي ڳٽڪارن ۾، ۽ ڪونجن جي ڪٺڪارن ۾
پونئرن جي پٽڪارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

سهڻن سبز نظارن ۾، ۽ ولين ۾ وٽڪارن ۾
غنچن ۽ گلزارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

مرڪن ٽهڪن ڪلڪارن ۾،ڪيجن خوشين ڪينڪارن ۾
لولين جي للڪارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

واهوندن ۽ وسڪارن ۾، هيرن جي هٻڪارن ۾
ڪڪرن ڪارن ڪارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

شعراءَ جي اشعارن ۾، اَدبا جي شهپارن ۾
فنڪارن فن پارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

”سروچن“ ۽ سچارن ۾، مهميرن ۽ منهدارن ۾
ماڻهن مٺيادارن ۾، بس ساجن هڪڙو تون ئي تون

# چنڊ ڪڙيا چمڪار ڪري

تنهنجي گهور سچڻ سَو سور ڏنا، تنهنجي نيهن وڏا ناسور ڪري
تنهنجي ورهه سندا جڏهن ونگ پيا، تڏهن ننگ حيا ٿيا مون ڪان پري

تنهنجي اک جي اٽي، مونکي واهه جي وٽي، جڏهن سينڌ ڪڍي ڏني يار ڦٽي
تنهن مهل مِنا، اي ماهه لقا، جڻ چنڊ ڪڙيا چمڪار ڪري

تنهنجا ڏند اڇا، جڻ موتي سچا، جن موهي وڏا هي ملڪ سڄا
تنهنجو سونو بدن، توکان حورون لڄن، اي دل جا چمن اچ پير پري

تنهنجي لال لبن، گلفام ڳلن، سڄو ڇهڪ ڪيو، منهنجو چيري بدن
تنهنجي مرڪ مِنا، ڪئين چرڪ وڏا، تنهنجا ناز پسي، منهنجي دل ٺري

تنهنجا نيڻ چمان، توسان ڳڌجي گهمان، هٿ هٿ ۾ ڏيئي مِنا توسان هلان
توکي هنج ڪٽان، اي هيري ڪٽان، من جا مٺيا، اچ پير پري

ڪنهن ڏينهن هلي، اچ يار ڪلي، هي درد دلي، تون لاهي ملي
”سرويچ“ سڪي، پرين تولئہ هتي، سوا تنهنجي صفا نٿي جنهن جي سري

# نظم

# ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

واهه واهه هي منهنجو وطن ،چارئي ڪنڊون جنهن جون چمن
سَوَ سَوَ منجهس پوڪون پچن، واهڻ وستيون جنهن جون وسن
ماڻهو جتي جا محبتي، سورهيه سگهارا صحبتي
سڀ مرد مايون محنتي، ۽ قول تن جا قيمتي
ويهي رڳو واڪاڻجن، ٻيلا ٻنيون مهراڻ جون
جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون

جت جيڏڙيون جنسار ڪن، سَتَ سَتَ رنگا سينگار ڪن
هٿ منهن ڌوئي هسهار ڪن، تان گس گهٽيون گلزار ڪن
جلوا ٽا پسجن جو بجو، سُرهاڻيون پڻ سُو بہ سُو
درشن ٿين جي دوبدو، تہ جڻ ڪي حورون هُو بهو
سبحانہٗ سبحانہٗ! سي سوڍيون مهراڻ جون

سرما وجهي ڏيئي ڦٽيون، پاڻي ڀرڻ لئہ پدمڻيون
گڏجو هلن پنج ست ڄڻيون، هيڏن ڪنڌن سان ڪامڻيون
ڪن ڪي نٿون، ڪن ويڻڙا، سِرَ تي سمورين سينهڙا
گجرين ڀريا پاڻي گهڙا، ڪن ڪڇ تي، ڪن ٻيلهڙا
هو لاڏ مان لڏنديون اچن، ڏس لاڏليون مهراڻ جون

جي ٻوليون جن جون ٻُرن، ٽا چنگ ڪر چالن چرن
يا ساز ڪنهن تي هٿ سُرن، يا روح تان برفون ڀرن
يا گيت پيو ڪو ڳائجي، يا وائي پئي ورجائجي
يا لهر پئي ٽڪرائجي، يا ڪنوار پئي پرڻائجي
يا چيٽ ۾ چڻ پڻ ٿيون ڪن، ڪي چاڳليون مهراڻ جون

خوش ٿي ڪٽيريون ڪلن، تان ماڻڪن جا مڻ ملن
جي ٿول پائي ٿيون ٿلن، تان ساڙ ۾ ڊيلون جلن
هو سنڌ تان گهوريون گهمن، ۽ ملڪ جي مٽي چمن
هو سنڌ جي خاطر جيئن، ۽ سنڌ جي خاطر مرن
شل جيئنديون ٻئي جُڳ رهن، هي جوڌيون مهراڻ جون

ڳيرو اُچن ڳاٽن سان جت، ڏوٿي اُين ڏاٽن سان جت
گهوٽيا گهمن گهاٽن سان جت، ۽ گهوٽ گهوٻاٽن سان جت
اوڍيو گهمن سي اجرڪون، ٽوپين تي موتي ۽ ٽڪون
ڇا بت بدن جون بيهڪون، ٿا سونهن جون لاهن سڪون
اهڙا ٻچا اڄ پيي ڄڻين، اڪثر اميون مهراڻ جون

جن جا جري ۽ جُواڻ پُٽَ، ڳاڙها جيها خُلواڻَ پُٽَ
رانديون ڪڏن رت ساڻ پُٽَ، "سرويچ" پُٽَ سرواڻ پُٽَ
هڪ هڪ سنڌا هيڏا جگر، هڪ هڪ ڇڏي ٽوڙي ٽڪر
هڪ هڪ اٿيئي سيني سَپَر، هڪ هڪ ڪري چينهون ڇَپَر
هڪ هڪ سنڌي مستي ۾ ڏس، مستيون مهراڻ جون

جنت الفردوس آهن ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون
ويهي رڳو واکاڻجن ٻيلا ٻنيون مهراڻ جون

# اي! دوست پنهنجي سنڌ جا، ڇيڙا سرا جاڳي پيا
# آسون ڪرون موڙي اٿيون، ۽ آسرا جاڳي پيا

هن يونءَ منجهان باڪون ڦٽن، گهر گهر منجهان گوليون ڇُٽن
پيا ڏاڍ جا ڏينهڙا ڪٽن، ظلمن جون زنجيرون ٽُٽن
هيءَ جا پرهه پيدا ڪئي، پڙ ۾ ڪڏي پاڏن پُٽن
هو هاڻ ڪيئن سگهندو بچي، هي هيترا جاڳي پيا

آ مچ تي مارو متل، سڀ رڃ راڇين جا رتل
ڪونهي ڪلاچي ڪُن بتل، آ ڪوس ڪوسان ۽ قتل
مانگر مرو مارڻ جي لئہ، ڪيڏو نہ آهي رت تتل
هر مياڻ مان هي، مورڙا ۽ منڇرا جاڳي پيا

هي سامراجين ڪي سڌي، ويڙهيون پيا ڪن واڪي وڏي
هو ڪوڙ تي ڪوڙهيو تڏي، هي سچ تي بينا اڏي
جي سنڌ جا ويري وڏا، تن ڪي ڏيندا ڪيئن ڇڏي
هي موملون جاڳي پيون، هي مينڌرا جاڳي پيا

چا ساٿ ۾ آ سرڪشي، تي غير ڪي جنهن ڪان غشي
سوڙهو سڪي ٿيو سازشي، جوتون ڪُٽي پيو جوتشِي
هت هر صبح سويون ڄمائڻ لئہ، ڪمر ڪوپن ڪشي
هي اڙٻنگا جاڳي پيا، هو اونترا جاڳي پيا

جُو جُو منجهان جوڌا اُٿيا، سَرَ سَرَ منجهان سوڍا اٿيا
ديهه ديهه منجهان دودا اٿيا، سِرَ جا ڪرڻ سودا اٿيا
هي ڳاٿ اوچي ساڻ ڳوٺن مان، لکين ڳوڌا اٿيا
هي بي ڊپا بانڪا بهادر بانورا جاڳي پيا
جو لوڏ ۾ بچڙو لڏي، سو يي ڪهاڙيءَ سان ڪُڏي

تو جاڻ تاڻن ڪي تڏي ، ٻيڙو تو ظالم جو ٻُڏي
هي شينهن ايندڙ ڏينهن تي، هر غير ڪي رکندا گُڏي
هي ڇوڪريون جاڳي پيون، هي ڇوڪرا جاڳي پيا

هي وڳ واڙڻ ڪان گهٽا، قيدن ۾ ڪاڙهڻ ڪان گهٽا
گهاٽن ۾ پيڙهڻ ڪان گهٽا، ڦاهين تي چاڙهڻ ڪان گهٽا
هي ڇوٽ تي وڙهندا ڇڙهي، تنهنجي ڇٻاڙڻ ڪان گهٽا
هي اڻ ڳڻيا ارڏا ڇريا، ايرا ايرا جاڳي پيا

ماڻهو امر مهراڻ جا، قاتل اصل ڪاراڻ جا
چورين سُر چانداڻ جا، راڳي سدا رت چاڻ جا
وارث سَوَن صدين ڪنان، پٽڪي لُنگي پهراڻ جا
ڏک ڏوجهرن ۾ ڏرجندي، هي سوجهرا جاڳي پيا

”سرويچ“ سانوڻ سنڌ جا، لافاني لالڻ سنڌ جا
آوڻ ۽ جاوڻ سنڌ جا، ڳائڻ وڄائڻ سنڌ جا
قلمن ڏٺي ڪاغذ ڪٽي، بنجي پيا چارڻ سنڌ جا
ڪک، پن، پنا پينيون، پٽيون پٽ پيچرا جاڳي پيا

اي! دوست پنهنجي سنڌ جا ڇيڙا سرا جاڳي پيا
آسون ڪرون موڙي اٿيون ۽ آسرا جاڳي پيا

# احمد ، لطيف ،سچل

سنڌ سڪي وئي ساري، احمد، لطيف، سچل
اڏري رڳو پئي واري، احمد، لطيف، سچل

جنهن جون ڏنيون اوهان هت، هوڏون هُڏيون هَلائون
ڪٽندي ڪتيو ويون تي، ناڪن سنديون نگاهون
ڪڙڪيو ڪُڏيو ڪُنن سان، لهرين لڏيون تي لائون
پاڻيءَ جي پِچ لئہ سا، سڏڪيو هٽي صدائون
تي وئي قيام ڪاري، احمد، لطيف، سچل

پاڙان پٽي وڻ ٽڻ، لوڙهي ڪٽي هيءَ ايندي
ٻيلا ۽ ٻيٽ سارا، ٻوڙي ڪٽي هيءَ ايندي
ٽڪرا ڪري ٽڪر ڪي، ٽوڙي ڪٽي هيءَ ايندي
مانگر ۽ مرگهه ماري، موڙي ڪٽي هيءَ ايندي
اڄ اَٿوَ سا اجاري، احمد، لطيف، سچل

ڪٽڪون، ڪماند، ڪيلا، ٻاجهر، جوئر ۽ ساريون
ميوَن گُلن ڦلن جون، ٽيڙيون چِڏئين تي ٽاريون
ٻورن ۽ ٻوٽڙن سان ، ٻُنگيل رهيل تي ٻاريون
سنگن ۾ سون چاندي، جن تي جهڪيون تي جهاريون
هيٺا هئا نہ هاري، احمد، لطيف، سچل

سنڌو آ سينڌ سنڌ جي، سا پڻ سڪي وئي آ
رهزن جي رهزني سان، رُڪجي رڪي وئي آ
پاڻي چڪي جي لائہ، ڌرتي چُڪي وئي آ

ساري سمان اڳواٽا، جيجل جهڪي وئي آ
آهيون اسين ڏوهاري، احمد، لطيف، سچل

ڪيڏا هئا سنڌو ۾ ، ڪڙ ڪڙ ڪُنن جا ڪڙڪا
گجگوڙ گوڙ گوڙيون ، دهمان داٻ دڙڪا
سُٺيا هئا سنڌو جا ، ڌرتي سڄي تي ڌڌڪا
ياري يٽن ڪي پوري ، ڀڙڪي ڪندي هئي ڀڙڪا
آهي اسان وساري، احمد، لطيف، سچل

سهڻي ميهار جنهن جي، پاڻي مٿي پليا ها
نينهن جا نشان اڄ ڪُٽ، سنسار ۾ سليا ها
روحن جا راز رشتا، جلوا ڪري جليا ها
لاشا پوءِ تن جا لُڙ تي، تارن جيان ٽليا ها
اڄ ڪا ٽلي نہ تاري، احمد، لطيف، سچل

ليدر لغور لافي، ڌوتا چڙهيو دلالي
وسڪي مٿي وڪامي، خواري ڪٺو نہ خالي
هڪ تي وجون حقن لئہ، هيرا ٿيو حلالي
دانشوَرن ڪي گهرجي، لاهڻ لبن تان لالي
ٿيندي پوءِ سنڌ سگهاري، احمد، لطيف، سچل

سنڌو رڳو نہ سُڪندي، ”سرويچ“ سنڌ سُڪندي
جوڌن پُٽن جي جيئري، جيجل جي جند سُڪندي
مورو، مٺي، مياڻي، ڪينجهر جي ڍنڍ سُڪندي
ڪشمور ڪنب ڪيٽي، بندر جي بند سُڪندي
سنڌو سڪي وئي ساري، احمد، لطيف، سچل
اڏري رڳو پئي واري، احمد، لطيف، سچل

# رُت سانوڻي

تو آئي هٻڪارون هليون، ڏينهڙا ٿڌا راتيون پليون
چؤڦير چؤياريون چليون، سُک سور جون خبرون سليون
سينڌون ڪڍي ڪي سانوليون، گهمنديون گهمن ڳوٺ ڳليون
جهر جهنگ ۾ ڇَنگ ۽ ٿليون، وهنجن لڳا وڻ ۽ وليون
رنلون دليون ڪن شوق سان، تو ۾ شغل رت سانوڻي
منهنجا مٺل اچجئين اجهل، پچ پچ پنهل رت سانوڻي

توساڻ سونهن ساوڪون، نس نس ۾ نينهن ناوڪون
تنهنجون ڏسي مان آوڪون، خوش ٿيو ورهايان ڪارڪون
جهڙ ڦڙ ڏسيو جهونگاريان، سهڻي سڄڻ ڪي ساريان
گهر ۽ گهٽيون سينگاريان، گهوڙا جدا ڪيئن گهاريان
ساڻئه سرهاڻين ۾ هجان، جيڪر ستل. ——— رت سانوڻي

گاهن سان ڍڪجن گهيڙ گس، روحن ۾ پرجن رنگ رس
۽ صحبتون سامٽجن، محبوب جيڪر ماڻجن
ٻانهن ۾ ٻانهون آٽجن، چاتين مان پيرون چاڻجن
اهڙي عنايت جي اسان تي ڪر اٿل ——— رت سانوڻي

هن مهل ۾ مونکان نہ وڃ، منهنجا مٺا منٺون تہ مڃ
سهٽيون اکيون سامهون تہ سڄ، بي ٻاڪ تان پيرو نہ پڄ
لنئون لنئون اٿم توسان لڳل، ڪا ٻاھ ٻت ۾ آ لڳل
هڏ هڏ هجر ۾ آ پڳل ، هر مهل ۾ توساڻ شل
انگ انگ پتل، اک اک ۾ هئي، ——— رت سانوڻي

جنهن دم ورائين ٿو وڪون، تعريف تنهن دم ڇا لکون
اهڙو ملڻ ڪنهن ڪان سڪون، جنهن مان ترارين جون تڪون
تنهنجو ڏسي اي يار قد، حورون ملائڪ ڪن حسد
تنهنجي حُسن جي ناهي حد، ڪهڙا ڳڻي ڳڻيان عدد
اک ۾ انگل، چپ تي غزل، بت ۾ اُتل ـــــــــــــــــ رت سانوڻي

ڳاڙها سنڌ ۾ ٻئي يار ڳل، جڻ آ پکل چانهين وڏل
هڪ ڳل مٿي جو تي ڪُتل، بس عاشقن لئہ آ اجل
ڪنهن ڪنهن گهڙي ملندو تہ ڪر، تون مرڪندو ڪلندو تہ ڪر
۽ ٿهڪ ڏئي ٽلندو تہ ڪر، ڪو خط پٽ لکندو تہ ڪر
تو مون مٿي پل پيا هڻن، چغليون چغل ـــــــــــ رت سانوڻي

تون سائين منهنجي ساهہ جو، تون نور چوڏهين ماهہ جو
سِير ـــــ سير تائين واهہ جو، جڻ آ رسالو شاهہ جو
وَر وَر ڏيو توکي پڙهان، توتي لکين پيرا لکان
توکي چميو وينو چمان، ۽ رحل روح جي تي رکان
پر تون نہ شل مونکان هجين، ڪو پل رٺل ـــــــــــ رت سانوڻي

سنگت رکج "سرويچ" سان، سبنئي پسهہ جي پيچ سان
پيچي تي گهاريون پيچ سان، پنهنجو تہ ڪم ڇا ڪيچ سان
جيئندا رهون جينئدا رهون، مهراڻ مان پيئندا رهون
۽ ناهہ ڪي نيندا رهون، اڻ مٺ امر ٿيندا رهون
هن سنڌ جي سک ۾ هجون، هر دم رڌل ـــــــــــــــ رت سانوڻي
منهنجا مٺل اچجئين اجهل، پچ پچ پنهل ـــــــــــــــ رت سانوڻي

# امام انقلاب جا

وڌو وڌو اي سنڌيو، اُمام انقلاب جا
اوهان کي سنڌ تي ڏئي، سلام انقلاب جا

تا ڳوٺ ڳوٺ مان اچن، تا گهيٽ گهاٽ تي نچن
پيا پوک پوک ۾ پچن، پيام انقلاب جا

تو ٻار ٻار سان ڪري، تي نار نار سان ڪري
تو يار يار سان ڪري، اجام انقلاب جا

هي مڪتبن منجهان لکن، سخن ورن ڪنان سکن
نوان نوان نکور ڪي، نظام انقلاب جا

اهو بہ وقت پيو اچي، وڄائبا جڏهن هتي
وڏا ڪي دڦ دُهل ۽، دمام انقلاب جا

جڏهن تہ چنگ چوربا، جڏهن ڪي سر گهوربا
تڏهن تہ تنگ توربا، تمام انقلاب جا

هي سُوريون سنوارجن، هي ساٽ پيا سلهاڙجن
اِهي تہ سڀ اٿئي ميان، انعام انقلاب جا

وڏي وڏي ٻَڌيون ڪجن، ۽ ڇاتيون سڌيون ڪجن
تڏهن ڇڪي اڱيان ڪبا، ايام انقلاب جا
هي سُر سراڻ چاڙهبا، هي راڳ سڀ رواتبا
پوءِ ماڻبا ويهي مزا، مدام انقلاب جا

هتي جا سر اڏيون پُچن، لهو ڏيڻ جي لا لچن
هتي جا ڪيئي ڪوي ڪُچن، ڪلام انقلاب جا

وکون کڻون وڌون پيا، ۽ غير کي ٻَڌون پيا
سگهو ئي سَر ڪبا مڙئي، مقام انقلاب جا

ڇا هڻ آ هڻون نٿا، ڳڻون پيا ڳُڻون نٿا
وجهون پيا لُنب لُنب کي، لغام انقلاب جا

وڏا هي ڏاڍ ڏاريا، ۽ ڌاريان ڌِڪاريا
سوين تہ سج اُڀاريا، عوام انقلاب جا

”سُجاولي“ سچا ولي، اٿو ڪري علي علي
دنيا ٻڌي سڻي ونئي، ڌڙام انقلاب جا

وڌو وڌو اي سنڌيو، اُمام انقلاب جا
اوهان کي سنڌ تي ڏئي، سلام انقلاب جا

# ويڪو وڏيرن ڪي

وڏي واڪي چوان ٿو مان، هنن ويڪو وڏيرن ڪي
نہ للڪاريو، نہ للڪاريو، اسان مردن مٿيرن ڪي

اسين جرنيل جيلن ۾ ٻہ، چونداسين جيئي هاري
اسين ڪُٽ مست قيدن ۾ ٻہ، چونداسين جيئي هاري
اسين بيباڪ بندن ۾ ٻہ، چونداسين جيئي هاري
اسين ڪارن سمنڊن ۾ ٻہ، چونداسين جيئي هاري
اسين هر وقت چونداسين، لٽيو لوپي لُٽيرن ڪي
نہ للڪاريو، نہ للڪاريو، اسان مردن مٿيرن ڪي

نہ پرواھ قيد ڪيٽيءَ جي، نہ گولي تير جي پرواھ
اسان پورهيت پنوهارن ڪي، پاپيءَ پير جي پرواھ
نڪا ڪا آهي هن ٽُنڊائي، مهجڻ مير جي پرواھ
نڪا ڪنهن رئيس رهزن جي، نہ وزرا وير جي پرواھ
اسين ڏاري ڇڏينداسين، ڏڦن سان تن ڏڦيرن ڪي
نہ للڪاريو، نہ للڪاريو، اسان مردن مٿيرن ڪي

ڪڏهن ايوب جا چمچا، جڏهن يحيٰ جا پوڄاري
ڪڏهن سي ليگ ۾ لوفر، ڪڏهن پي پي جا پرچاري
ڪڏهن سي نعپ ۾ ناچو، نچن جيئن ڪا نچي ناري
ڏِڪا در در مٿي ڪائن، پيا دلال درٻاري

سجاڻون تا اسين تن جي، انهن ڦندن ۽ ڦيرن کي
نہ لِلڪاريو، نہ لِلڪاريو، اسان مردن مٿيرن کي
ڪڏهن ڪنهن کي اڙي ڪوڙهيا! نٽا پوريون ٻٽايون ڏيو
ڪڏهن ڪمزور ڪڙمين کي، نہ ڪمندن جون ڪٽايون ڏيو
چِتا تي پيا آهيو چا لئہ؟ نٽا چا لئہ چٽايون ڏيو
جي عزت سان جيئڻ چاهيو، تہ ساري سڀ ڪمايون ڏيو
جلائي نہ تہ چِڏينداسين، ڊِنگن ڊِنگن جي ڊيرن کي
نہ لِلڪاريو، نہ لِلڪاريو، اسان مردن مٿيرن کي

نہ هاڻي ڪنهن وڏيري جو، ڪو بلڪل پئو ڪرڻ گهرجي
حقيقي جو حصو آهي، اهو وڙهي ونڻ گهرجي
ٻنين تي حق اوهان جو آ، اهو سمجهي چڏڻ گهرجي
ٻنين تان ٻي دخل تجي، ٻڏي تنهن ڪان مرڻ گهرجي
ٻڌايان ٿو اهو آئون، سندن يارن پَلِيرن کي
نہ لِلڪاريو، نہ لِلڪاريو، اسان مردن مٿيرن کي

ٻنين توڙي ونين تان ميان، سِريون "سرويچ" ٿو گهوريو
ڪُڏي جو وچ ۾ پوئي، انهيءَ جي ڪنڌ کي ڪوريو
ٻنيون ٻارا اسان جا هي، اهي سڀ چنگ پيا چوريو.
ٻنين ۾ محنتون ڪريو، ڏڪيا ڏونگر سيئي ڏوريو
تہ پوءِ هڪ چاڙڪي آهي، چپر سارو چُڳيرن کي
وڏي واڪي چوان ٿو مان، هنن ويڪو وڏيرن کي
نہ لِلڪاريو، نہ لِلڪاريو، اسان مردن مٿيرن کي

# ڌرتيءَ ڌيئون

ڌرتي تنهنجي ڌيئن جا ڏس، چاڳ چُڪا ۽ ڀاڳ ڦٽا
ڀاڙي ڀاڙي مان ڀيا ٻڌجن، تن جا ڀٽڪا ڀار ڀٽا

غيرت وارن مردن جي اڄ توکي کهڙِي دانهن ڏيون
ڀاڻ سُريتون ست ست رکندا پوءِ بہ نہ ٿرندن هڏ هنيون
باقي جي ڪنهن ڀيڻ سندو ڪو ڪوڙو ڪن تي ڀين ڪينئون
سِريون لٽندا سرتين جون جيئن لٽجن ڀيا هو سنگ سٿا

تنهنجي ڪن ڪن مردن جا او ڌرتي ٻڌ تون حال احوال
تنهنجو ويري چوٽ چڏيندا زنجيرن ۾ ٻڌنڌا زال
محنت ڪان منهن موڙي وينا مفت جو تن ڪي گهرجي مال
ڀيڻ ۽ ماءُ جي ڀڙوَت ڪندا ڌيئن نونهن جا دلال
پوءِ بہ چوندا زالون ٻُچڙيون ڪَن ٿيون سي ڪٽراڳ ڪٽا

ڪي ڪي ادڙا جهڙا جڏڙا ڌرتي توتي ٻار ٿيا
تنهنجا منهنجي جيجل سي ئي قاتل ۽ غدار ٿيا
توکي ويرين وٺ وڪيائون ادين لئي آزار ٿيا
ماري سي ئي ماروئڙين جا مڪاري منهن ڪار ٿيا
اهڙن مُردن مَردن جا ئي ڀڄجن منهن ۽ مٿا مٿا

ڪن ڪن مردن جوءِ وڪي ۽ ڪن ڪن ٻچڙي ٻات ٻڪي
ڪن ڪن پنهنجي جوءِ وڪي ۽ ڪن ڪن دَلن ڌيءَ تڪي
ڪنهن ڪي گهوٽ قرآن ڏنائون ڪا ڪئون پيرن ساڻ پڪي

پيڙهي پيئي پيڙهين ڪان ڏس چوڙيلين ڪي ڪيئن نہ چڪي
چڪي ۾ اڄ چڇرجي پيا چوڙيلين ڪي چاڏ چٽا
سسئي جهڙي سگهہ پسايو جبلن ڪي جنهن بخشي جوت
سهڻي وانگر ڪُن ڪچائي مايوسين جو آٽيو موت
پوءِ مرڪو ميهر تي ۽ پوءِ پڏايو پنهنجو هوت
عورت تي تا آڳَر سجيو پنهنجي جيءَ ۾ پايو جهوت
چٿ چڳيرن مردن جا هٿ نانءَ سجن تا چٽا چٽا

مصري جهڙي مصرع منڙي منهنجي منڙي پيڻ ڏني
ٽڙندڙ ڪڙندڙ ٽاري سا ڪا يا جڻ سانوڻ پيچ ڏني
گهمندي ڦرندي مون ها ورتا تنهن مان ٻنڙي گل چني
ٻيون پڻ ڳولي ڳولي آيس ڳالهيون ڳاڙهي رنگ ڳني
ڳالهيون اهڙيون ڳاڙهيون جهڙا ڳاڙها ڳوريءَ جا تہ ڳٽا
سڪ جي آهي سرهہ ڦلاري چاهت جا ٽيا چيٽ چٽا

جيڪي سچا سوڍا آهن تِن تي پيٽيون ناز ڪنديون
جيڪي جنگي جوڌا آهن تِن تي پيٽيون ناز ڪنديون
جيڪي هوشو دودا آهن تن تي پيٽيون ناز ڪنديون
جيڪي بانڪا پٽا آهن تن تي پيٽيون ناز ڪنديون
اهڙن پائرن تان ئي گهوري ڇڏبا ٻچا ٻٽا ٻٽا

# عظمتِ سنڌ

اڄ بہ موئن جو دڙو  تُنهنجي قدامت جو نشان
تنهنجي ماضي جو سچو آ، جنهن ۾ پوريل داستان
سون چاندي ٻيا بہ ڌاتو، اُت ڇوَن اڪثر عيان
شهر شيشي جي مثل  جايون جتي جنت جيان
تنهنجا چيڙا تي لنگهيا، عربي سمنڊ ڪشمور ڪان
ڏنگ  راجستان  ۽ ڏنگ هيو ايران سان
پوءِ جيئن دور آيا، تيئن گهٽيِن گلزار سنڌ
انقلابن  جو بہ توتي آهي  وارو وار سنڌ

تنهنجو ڪاهوءَ جو دڙو، ڪنهن وقت جلوه گاه هو
تو ۾ جيئندرات، جو پڻ، شان شوڪت جاه هو
ٻيا بہ  هت حُڪام هندو، تن جو تو ۾ ساه هو
تو ۾ هرهڪ قوم  جو، چوڏار چرچو چاه هو
تو ۾ منهنجي سنڌڙي، بس هر گدا جڻ شاه هو
ڪونہ تنهنجو ڪنهن مٿي، هر گز نظر ڪوتاه هو
تو سِين جي تي لڏي، نت سور سُک ۾ سار سنڌ
تو ۾ ڪن جي هار تي، ۽ ڪن وڏا تي هار سنڌ

سنڌڙي تولئہ سڪندر جي سڪي تي دل مُدام
جنهن ڪيو يونان مان، تنهنجو اچي ڏوري سلام
سڀ مهاراجہ مڃائي، جنهن  ڪيا  تابع تمام
۽ ڪيائين قرب مان  ڪجهہ وقت لئہ تو ۾ قيام
هو سڪندر جي زماني ۾ سنڌءِ سهڻو نظام
شان تنهنجو هو سلامت، خوش رهيو تي خاص عام

تو سڪندر جي ڪئي خوش تي ڪلي ڪيڪار سنڌ
سيوهڻ الَور جا تو ۾ قلعا نروار سنڌ

عيسوي پنجئين صديءَ ۾ هو گهراڻن جو وقار
خاندان هن جا ٿيا ڪل پنج راجا نامدار
سال ستٽيهه سؤ مٿي ثابت رهيا با اختيار
هن گهراڻي بعد ٿيا تو ۾ برهمڻ با وقار
چچ ۽ چندار جو چرچو هليو ٿي چئن پار
تو ۾ ڏاهر پيڻ پنهنجيءَ جو ٻه ويو بنجي پتار
سؤ منجهان گهٽ سال ويهن تي رسي دربار سنڌ
ويا هٿن خالي هٿان، هٿ ۾ نہ تن هٿيار سنڌ

ٿيو برهمڻ ڪان وري پوءِ، تو ۾ عربن جو وقار
دور اسلامي رسيو، قرآن جي پيئي پچار
پڻ ويو وڌندي ڏهاڙي، تو ۾ مسلم جو شمار
قائدا قانون قرآني ٿيا، آيو قرار
محسن اسلام آيو، سچ ڪٽي هٿ ۾ ترار
ٽي سؤ ٻارنهن سال تو ۾، تن سندو هو اقتدار
ٿي ويو امن وَ امان، تو ۾ سدا هر پار سنڌ
اِبنِ قاسم ٿي منجهئي آيو سپهه سالار سنڌ

تنهنجا عربن ڪان وري پوءِ، غزنوي حاڪم ٿيا
غزنوي سلطان جي پڻ ٿي هلي هر هنڌ ڏيا
جلد تن جا پڻ ڪڄي، تنهنجي مٿان هٽڙا ويا
بعد ۾ تو ۾ سومرا سورهيہ سچا سردار ٿيا
شهر ساموئيءَ ۾ گادي ۽ حڪومت جا بجا
شينهن دودو ۽ چنيسر پڳ مٿان اتڪي پيا
تو سين جا پئي ڏنا، اخلاق ۽ اطوار سنڌ

تو مٿان ٿي سؤ ورهيہ ٿيا سومرا سردار سنڌ
سومرن کان پوءِ سمن جي پڻ صدارت تو ڏٺي
مرتبو ۽ مان اعليٰ، شان شهرت تو ڏٺي
ڄام نندي جي نظامت ۽ نيابت تو ڏٺي
۽ تماچيءَ جي مهاڻن سان محبت تو ڏٺي
واھ دريا خان جي ظاهر ديانت تو ڏٺي
پنجهتر هڪ سؤ ورهيہ تن جي حڪومت تو ڏٺي
تون سدا آهين سدوري، صاحب اتوار سنڌ
تنهنجي ماضي جي ڪريان، ڪهڙي پلا اُپٽار سنڌ

ٿيو سمن کان بعد شاھ ارغون تو ۾ سنڌڙي
پارسي عربي جو ٿيو، قانون تو ۾ سنڌڙي
شاھ حسين هر دم لکيا، مضمون تو ۾ سنڌڙي
عام هو ارغون جو مرهون تو ۾ سنڌڙي
قوم ساري ٿي رهي ممنون تو ۾ سنڌڙي
ڪو نہ هو جهيڙو جهٽو ڪو خون تو ۾ سنڌڙي
سال ٻاويھ هئي منجهہ ارغون جي دربار سنڌ
موڪلائي تو منجهان ويا مرد مٽيادار سنڌ

بعد ارغونن جي مالڪ تخت جو تُرخان ٿيو
سو نٿي جي تخت تي گوهر گل خندان ٿيو
بکري محمود بکر جو سچو سلطان ٿيو
تو مٿي تُر خان جو هر خان هو ذيشان ٿيو
پر اميرن مان وري دربار جو نقصان ٿيو
تو، مٿي تنهن جي ڪري مغلن سندو فرمان ٿيو
سال سؤ ۽ اڌ صدي تو ۾ مغل مختيار سنڌ
تنهنجو ماضي شان شوڪت سان سدا سرشار سنڌ

تو ۾ مغلن کان وري پوءِ، ٿيا ڪلهوڙا ڪامياب
جي ٿيا شاهان مغليہ جي نظامت جا نواب
زور مغلن جو ٽُٽو ، حاڪم ڪلهوڙا ٿيا شتاب
نامور نور محمد واهه جو ٿيو گُل گلاب
هو غلام شاهه غازي مهر وارو ماهتاب
واهه جو بهرام خان ۽ واهه گدو مل گلاب
سال چاليهہ پنج مٿي، خوش ٿي رهيا خوددار سنڌ
ڪوٽ نيرون، حيدرآباد ٿيو نروار سنڌ

سنڌڙي تو ۾ ڪلهوڙن بعد آيا ٽالپُر
جنگ مياڻي جي ڪٿي ويا مير صاحب مقبر
واهه جو سهراب خان هو خانصاحب خيرپور
واهه جو فتح علي خان هاڪ وارو هو شور
مير ٺاري خان جي گادي جو هنڌ منجهه ميرپور
تو ۾ ٽيهٺ سال پورا ٽالپر مختيار سنڌ
پاڻ ۾ اتڪيا تڏهن ٿيا لاڏلا لاچار سنڌ

تو ۾ ميرن بعد ئي انگريز آيا سنڌڙي
نيپئر جيڪب ۽ جيمس دم دمايا سنڌڙي
تو مٿي سيني ٿي پنهنجا حق جمايا سنڌڙي
تو سندا اڻ ڪُٿ خزانا تن ڪپايا سنڌڙي
تنهنجا مالڪ ٿيا گھٽا پنهنجا پرايا سنڌڙي
تو سين سان حال سارو هٿ پرايا سنڌڙي
سال سؤ ۽ چار گورن جي رهي سرڪار سنڌ
اُن پُڄاڻا تو مٿي پنهنجا بہ ٿيا حقدار سنڌ

سنڌڙي تنهنجو نہ ڪو مٽ تون تہ آهين بينظير
پر بنايو هن وزيرن تي ڪٽئي پينو فقير
ياد آهيم تو مٿان ڪنهن وقت هئا، ٻارنهن وزير
تن وزيرن جا وري، دفتر ۾ ٻيٽا هئا دبير
عيش خاطر تن ڇڏيو، پنهنجو صفا وڪڻي ضمير
هن تڪيو هن ڪي بنايو، هُن وري هن ڪي اسير
هيءُ وزيرن جي هئي تنهنجي مٿان پرمار سنڌ
پاڻ ۾ جهيڙا جهٽا ۽ پاڻ ۾ قرمار سنڌ

نيٺ چوڏهن آڪٽوبر پنجونجاهہ ۾ سنڌڙي
تنهنجي ئي پنهنجن ڇڏي، تنهنجي وڍي هٿ سان نڙي
اها ڪُرسيءَ جي ڪري تون تي پيئين جيجل ڪڙي
حيف تن ڪي هوءِ جن توکي وڪيو تي جيجڙي
سور هن ڪان سنڌين جو ويو جگر سارو سڙي
آهہ مشڪل موت ڪان وڌ، تو سوا گهارڻ گهڙي
ڪير آهي، جو ڪري توکي اسان ڪان ڌار سنڌ
ڪير آهي، جو ڪري تو بند اچ گفتار سنڌ

تون اسان جي ۽ اسين تنهنجا سدائين سنڌڙي
تون اسان سنڌين سندو جڻ ساهہ آهين سنڌڙي
جاڳيا آهيون مٿان تون هاڻ لاهين سنڌڙي
مشڪلون لاهي ڇڏينداسون مٿانئين سنڌڙي
تنهنجو ثابت شان رکندو منهنجو سائين سنڌڙي
چو پئي هاڻي اجايو نير واهين سنڌڙي
دم گهڙي آهي ڏکي تون دل نہ هر گز هار سنڌ
تي ويا "سرويچ" آهن نوجوان بيدار سنڌ

# شخصيتن کي پيٽا

# پيل توکي پُٽا صاحب گلي ۾ گُل رَتا هوندا

*4 اپريل 1979 ع تي محبوب قائد جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي شهادت جي موقعي ت*
*ي نهايت ڏکوئيندڙ حالت ۾ لکيو ويو. جيڪو اڄ ڏينهن تائين*
*پ پ پ جي جلسن جلوسن ۾ وڏي اهتمام ۽ احترام سان پڙهجندو رهي ٿو*

خبر پيو ڪا خدا لڳ اڄ، اوهان جي ڪيئن پئي گذري
هتي اهنجي جدائي ۾، نتي ساعت صفا نبري
لبن تي آهي دم دلبر، اجهو ڪي ٿو اجهو نڪري
اوهان جي ياد وانگين ڪي، نتي ڪا ويل هڪ وسري
قيامت تائين اي قائد، اوهين نت امرتا هوندا
پيل توکي پُٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

جڏهن مظلوم قومون ظالمن جا ڪنڌ موڙينديون
جڏهن مجبور قومون، جابرن ڪي هٿ جنجهوڙينديون
جڏهن مقهور قومون، سر قهارن جا تہ ڦوڙينديون
جڏهن محڪوم قومون، عَلَمَ آزادي جا تہ ڪوڙينديون
تڏهن ملعون منهن ڪارا، تنگيل هٿ اُبتا هوندا
پيل توکي پٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

اوهين آهيو سدا جيئرا، مري انصاف بلڪل ويو
اوهان کي ڪير ماريندو، مري ڪرنل ۽ جنرل ويو
اوهين مرٽا نہ آهيو ميان، مري اسلام جو مُل ويو
اوهان ڪان پوءِ پاڪستان، مري سچ پُچ مڪمل ويو
سندس بنياد ۽ بازو بلاشڪ بي سَتا هوندا
پيل توکي پٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

تو هيٺن جي حمايت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين
تو ايرن جي اُمامت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين
تو بگهڙن سان بغاوت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين
تو مُلن تي ملامت ڪئي، تڏهن سوريءَ تي چاڙهيو وئين
مُلان مڪار منهن ڪارا، سدا بي عزتا هوندا
پيل توکي پٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

اوهان سوريءَ مٿي پنهنجو، مٿو مُرڪي ڏنو آهي
اوهان لئہ سنڌ ڌرتي جو، سچڻ سينو چنو آهي
اوهان لئہ سارو (ايل ايم سي) تہ لڙڪن سان پنو آهي
اوهان لئہ مڙن مظلومن تہ، ريٽنو رت رنو آهي
حشر حورن ڪيا هوندا، فڪر ۾ فرشتا هوندا
پيل توکي پٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

اوهان جو وير ويرين ڪان، وڏي واڪي سان ونٺو آ
اوهان جي قاتلن کي ڪنهن بہ قيمت تي نہ ڇڏٺو آ
اسان جو انتقامي رت نہ مرٺو آ نہ ٺرٺو آ
علل اعلان وڙهٺو آ علل اعلان وڙهٺو آ
مڪارن جا تہ منهن هوندا، جوانن جا جُتا هوندا
پيل توکي پٽا صاحب گلي ۾ گل رتا هوندا

سچو ”سرويچ“ تون آهين، چڙي سوريءَ تو سينگاري
نہ هٻڪئين حق چوڻ کان، بس هليو ئي آئين هاڪاري
نہ مجبي آڻ آمر جي، چيئي لُچن کي للڪاري
چيو تو قيد ڪوٺن مان، سڄي لشڪر کي للڪاري
خدا جي فضل سان فردوس ۾ با ـــــــ فرحتا هوندا

# بينظير اچي پئي، بينظير اچي پئي

*(1986ع ۾ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاران جلاوطني ختم ڪري ملڪ پهچڻ جي موقعي تي لکيو ويو، جيڪو بعد ۾ سندس ٺٽي واري جلسي ۾ سندس موجودگي ۾ پڙهيو ويو.*

اڄ شهر ٺٽي مان تہ ٺڏڙي هير اچي پئي
هن گهوٽ ڀُٽي جي تہ سا تصوير اچي پئي
طوفان مثل آهي اُڪوڙي تہ ڇڏيندي
سمونڊن جيان اُٿي آ سا ٻوڙي تہ ڇڏيندي
وڏيرن جي مٿان يار وڏي وير اچي پئي
بينظير اچي پئي

جي وڪ وجهي تي تہ، وڏا وير ڪِرن ٿا
سو پير، وڏا مير ۽ مهمير ڪِرن ٿا
هر چور چڪاري ڪي، وجهڻ چير اچي پئي
بينظير اچي پئي

للڪار ڪري تي تہ، وڏا ڊنگ ڊِرن ٿا
بدهوش ۽ بدڪار، بي موت مرن ٿا
مظلوم عوامن جي تہ، مددگير اچي پئي
بينظير اچي پئي
مسڪين سندو ماس، جو مردار چٻاڙي
ان تي ڪڍي اوجھ ، لتن ساڻ لتاڙي
هيٺن جي وڏي واڪ، طرف گير اچي پئي
بينظير اچي پئي

تقرير اندر جوش ۾ جولان ڏسو پيا
تحرير اندر سچ جا سامان ڏسو پيا
هن قوم ڪنل جي ته، تقدير اچي پئي
بينظير اچي پئي

مارئي جو ٿيو مان، عمر ڪوٽ ٿُڪي پيو
عظمت جي اڳيان ڪيئن نه، هو جلاد جهڪي پيو
هن شير علي شاهه جي شمشير اچي پئي
بينظير اچي پئي

هارين سان ملي حق، ونون هاڻ هٿن سان
ڪا ويڙهه ڪريون يار، وڏيرن ته وڏن سان
ستمگر جي سسئي کي ته، وجهڻ سير اچي پئي
بينظير اچي پئي

منو پيءُ به ڏنائين ۽ سڀو ياءُ به ڏنائين
هن قوم مٿان يار ٻيلا ڇا نه ڏنائين
نيڻن ۾ فراقن جو، پري نير اچي پئي
بينظير اچي پئي

”سرويچ“ تجو يار، ڏجو ساٿ اديءَ جو
قسم آهي اوهان کي ته، امڙ سنڌو نديءَ جو
مارن جي مٺي پيڻ، مهاوير اچي پئي
بينظير اچي پئي

# پليجو پنڌ ۾ آهي

*محترم رسول بخش پليجي ياران ڪالا باغ ڊيم خلاف سکر کان ڪراچي تائين ڪيل لانگ مارچ دؤران لکيو ويو ۽ ٺٽي شهر ۾ لانگ مارچ جي جلسي ۾ پڙهيو ويو.*

سُڪل سنڌو وهائڻ لاءِ، پليجو پنڌ ۾ آهي
لڱل لاهور وارن کي، ڪو، ڪُوڪو ڪنڌ ۾ آهي

پڪاريندو هو پاڻي لاءِ، اچي پيو عزم اوچي سان
سمايل سڪ سنڌو جي، سندس سنڌ سنڌ ۾ آهي

نڪو ڪو ڊيم هت نهندو، نڪو ڪئنال ڪو وهندو
اهائي هام حق جي هُن، هنئي هر هنڌ ۾ آهي

پويتر پاڪ پاڻي لاءِ، وڏي واڪي اچي وڙهندو
ڪڏهن موري، ڪڏهن مڪلي، ڪڏهن مانجهند ۾ آهي

سدائين ڳالهه سچ جي تي، رهيو ثابت قدم آهي
ها غيرت سنڌ جي ڪيڏي، ته غيرت مند آهي

نه مُڙندا مُور ڪنهن تي هي، نه هٽندا پير هڪ پُنتي
فولادي سگهه ڏسو ڪيڏي، ته هر فرزند ۾ آهي

سونهاري سنڌ جو سوڍو، سگهو "سرويچ" سوڀارو
نه جهڙس جُنگ جوڌو ٻيو، ڪو ايشيا کنڊ ۾ آهي

# جس هجئي او مارئي ٻاگهي، جس هجئي او منهنجي ڀيڻ

*هي نظم 1981ع ۾ لکيو ويو هو، ان وقت محترمہ بينظير صاحبہ پنهنجي جرئت مند ماءُ بيگم نصرت ڀٽو سان گڏ سهالا ريسٽ هائوس ۾ نظر بند هئي .*

سرديون گرميون سيجون تولئہ، سوريون توکي سجدا ڪن
مينهن توڙي طوفانن ۾، تنهنجي جذبن جو جوين
آلاپي تو گيت گلابي، ڏکي جن کان ڏائڻ ڏيڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــ جس هجئي او منهنجي ڀيڻ

زنجيرن جا زور چنا تو، لاتا هٿ ڪڙين تان تو ڪَس
ڪُلفيل ڪارين ڪوٺين ۾، تو ٺاهيا پنهنجا گهر ۽ گس
زندانن جي ديوارن کي، موڙي ڪيو تو مکڻ ميڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــ جس هجئي او منهنجي ڀيڻ

لشڪر لشڪر خاکي آتر، ڏھ ڏھ ڦيٿون ڏھ ڏھ ڦُل
گهر جا ڪڪڙ مارينڊڙ هو، گيدي غنڊا ڪن ٿا غل
هاڻ هڙن جا هُڙڪن هر هر، ڏسندي تنهنجا گهرا نيڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــ جس هجئي او منهنجي ڀيڻ

گاديون ۽ درگاهون ڏڙڪن، پاڳارن جي اُڏري پَڳ
فتوي بازي ڦورو ملان، ٿڙڪن توکان نوري نڳ
ويڪو منصف لرزن لڪن، ٻڌندي تنهنجو پڙڪو ڀيڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــ جس هجئي او منهنجي ڀيڻ

سچ سُڻايان توکي سائڻ، تنهنجي سر جو آهم سونهن
رئيسن توڙي پيرن ميرن، پرمارن جو سائو منهن
غيرت غيرن وٺ وڪيائون، وڪيئون پنهنجي لڄ ۽ ليڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــــــ جس هجئي او منهنجي پيڻ

جمهوريت جي لاءِ جيڪي وڙهندا، تن جي آهين تون اڳواڻ
صدين تائين جيئري هوندئين، سالارن جي تون سرواڻ
تنهنجو نانءُ وڻڻ سان وسرن، ويس وڳا ۽ ڪاڏا ڪيڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــــــ جس هجئي او منهنجي پيڻ

(بي بي سي) تان بات ڪرين تان، باطل پورا پورا ٿئي
سرويچ نگر مان سڏ ڪرين تان، قاتل پورا پورا ٿئي
تنهنجي حشمت همت اڳيان، هاٿي توڙي هاڙهيه هيڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــــــ جس هجئي او منهنجي پيڻ

”سرويچن“ ۽ سانگيئڙن جي، سونهن بہ تون ۽ ساک بہ تون
اونداهين ۾ تون ئي اُماڙي، اميدن جي باک بہ تون
جاڻ تہ اُيريا سج ـــــــــ سُکن جا، جاڻ وهائي ڪاري ريڻ
جس هجئي او مارئي ٻاگهي ـــــــــ جس هجئي او منهنجي پيڻ

# لاڏاڻي ڪان ڪجھ وقت اڳ لکيل بيت

منهنجي شاعري، لکي نہ لکندي
ڪيئي سن سکندي، سنڌڙي سرويچ لاءِ

منهنجي شاعري، لکي نہ لکندي
ڪئي سن سکندي، سجاول سرويچ لاءِ

منهنجو هر هڪ شعر، لکو نہ لکندو
سارو لاڙ لڇندو، ڪيئي سن سرويچ لاءِ

سراج احمد هٿيار سجاول
sslove34@yahoo.com
0313-3124480